منهنجو من ته ٻچيءَ ٽڪرين پريل هو. مان چلڪي پيس - من ته ڪٿي، ڪنهن سان ڇلندي، ڇوٽڪارو ته ملي!

۽ ڊاڪٽر ٿي پيو منهنجو همدم، منهنجو همدرد. سندس ئي صلاح تي، مونکي ورين ٻارن کي ڊارما سيکارڻ يا ڪڏهن ڪنهن دور دراز ڳوٺ ۾ لرت پيش ڪرڻ جي موڪل ملي ويندي هئي. ننڍڙا گل، روشن ۽ مينا آيا ته توهان جي ماءُ منهنجي ويجهو ٿي مگر هوءَ پنهنجي ماتري پريم جي سڪل ٻوٽي کي وري تازي ڪرڻ لاءِ ٻنهي ٻارن کي کڻي ويئي! مان مجيان ٿي، مون ۾ ٻارن سان ايترو نرم ورتاءُ ڪرڻ جو ڏانءُ اچا پيدا نه ٿيو هو. مگر اُنهن ڪانسواءِ ته منهنجي جيوت ٻڻجي پيئي سڪو وڻ! هون سڀ هيڏي وڏي گهر ۾، جتي پاڻيءَ گلاس به نوڪرڏين اتي ماءُ ڪي ٻارن جي ڪهڙي ٿي پرگهور لهڻي پوي!

منهنجي دوستاني پيار ڪان وانجهيل من اندر، ماتري پيار ڪان هٿايل من اندر، ڊاڪٽر جي همدردي هڪ نرم نازڪ سلو پيدا ڪيو. مان ڪڏي ڦٿو ڪيو! ليڪن توهان هڪ ڏينهن چيو: هي سالو ڊاڪٽر ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو ضرور ٿو اچي - ٻلباجن کي ته ڏاڍو غصو ٿو اچي هن ٻيڪار انسان تي.

من ۾ چيم، پتي ديو! اٿي پنهجو آستان سنڀال - پنهنجي پتنيءَ کي ٻانهن ورلي ڇڏ: راڻي، تنهنجي من اندر ڪوبه دک هجي، مونکي ٻڌاءِ مگر پرش جي فرض سنڀاليندي، پتيءَ جي فرض وساري ڇڏڻ واري کي ڪير اهو سڀ ياد ڪرائي! مون وقت فقط ايترو چيوهو ته هي گهر ته سڄو ڏينهن مهمان سراءِ بڻيو ٿو رهي! ان ۾ مهمان وڌيڪ اچڻ سان ڪهڙو ٿو فرق پوي؟ توهان ڌمال ڪڏي وراڻيو هوم: اهو فرق تون نه سمجهاءِ مونکي - مان خوب ٿو ڄاڻان!

ٻئي ڏينهن تي، خود ٻلباجن اُچي چيو: ” ڊاڪٽر جو هتي ريل ڇيل اچڻ، مونکي پسند ڪونهي. جي ڪيس اچڻ منع نه ڪئي لٿيئي، تبڌي ڇڏ ـ تولاءِ به هن گهر ۾ جاءِ ڪانهي!“

مونکان هي سڀ بي عزتي، ملٺيءَ جو آرڊ ر برداشت نه ٿي سگهيو. نه ته ڊاڪٽر ڪامون لاءِ ايڏي آهميت ته رکي ئي ڪانه ٿي، جنهن ڪانسواءِ مان رهي نه سگهان ها! آخر شادي ڪيل عورت ٻن ٻارن جي ماءُ هجڻ ڪان پوءِ به، توهان جي گهر ۾ عزت جي لائق ناهي ته انجو گهر ۾ رهڻ ئي ڪهڙي اهميت ٿو رکي؟

۽ مان، توهان جو پتي پڻو پلو مان ڇوڙي توهانجي دل جي سختيءَ پريل طاق مٿان رکي آيس.

هڪ دفعو وري به، ڪن وڄ وارن مونکي توهان وٽ واپس اچڻ لاءِ چيو هو. ليڪن مون جواب ڏنو هو: ” اگر پتي ديوخود اچي ڪوني وڃي، ته ويندس“ توهان وٽان جواب آيو - ”جيئن پاڻيهي نڪري ويئي آهي، تيئن پاڻيهي اچي !“.... ڪيڏي نه نٺولي آهي! ڇا واقعي مان پاڻيهي نڪري ويئي هئس؟

۽ سيتا ماتا جي پرمپرا نڀاهيندي، مون مري وڃڻ قبول ڪيو، پر توهان وٽ موٽي، اڳي کان وڌيڪ بي عزتو ٿيڻ کان، انڪار ڪيو.

ڪاش ! هڪ ڀيرو رام جو جنم ٿئي هن ديس ۾ ۽ ٻيک وجهي مٿي کڻي وٺي سيتا ماتا کي، دکن جي اڪيلي ٻن منجهان! شڪتيون ٻڌن اندر، ميڻ جهڙو من! سيتا کي ڪڙو ڪري چوي: ”هل منهنجي جيون ساٿڻ ـ توکان سواءِ منهنجو ڪوئي يگيه سڦل ڪونهي، ڪٿي پرمپرا پورڻ نٿي لڳي! مٺي هل مونسان!“

نيلؤ.

مون خط پڙهي بند ڪيو آهي. پر خط مان وڌايل هٿ منهنجي اڳيان پيو ڦري. سمجهان ٿو، طلاق نامو وٺڻ ڪان پوءِ به منهنجو اتي وڃڻ ۽ پنهنجن ٻارن جي ماءُ کي ” مومل مٺي“ سڏي وٺي اچڻ منهنجي گهرجي پاتين کي اصل ڪين وڻندو. ليڪن هيڏو وقر جيڪو اڪيلو رهي، پنهنجن ماڻهن جي هيڏي سڀ ستيءَ وچم، پانکي قياس پرين نظرن جو نشانو ٿيندو ڏٺو اٿم، سو ڇامون کي وڻندو رهيو آهي؟ هيترين زالن مردن جون همدردي ۽ قياس سڀبان وڌايل ٻه آڱريون، پنهنجي استري جي وڌايل هٿ جي پيٺ ۾ ڪجهه ڪينهن. پريوار جي نڪتچيني اگر اسانجي ٿئين زماني جي جوانن ۽ جوانڙين

لاءِ ڦاسيءَ جي رسيءَ ٻڌجي پوندي تہ مان انکي ٿوڙيءَ ٻاهر نڪري ويندس.

لڳي ٿو منهنجي هٿ ۾ لفافو ناهي، هڪ دوست جو نينهن جي ناٽ جو اڳيان وڌايل هٿ آهي.